روزاني سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Reg No 2677
ABC Certified
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com
جلد :12 | سومر 18 ڊسمبر 2023ع بمطابق 04 جمادي الاثاني 1445ھ | شمارو:68 | قيمت 10 روپيا

اينڊڙ عام چونڊن جي لاءِ بلوچستان ۾ ريٽرننگ آفيسرن (آر اوز) ۽ ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسرن (ڊي آر اوز) جي ٽريننگ جي شروعات ٿي وئي

چونڊون 2024: ريٽرننگ آفيسرن جي تربيت جو عمل ٻيهر شروع، ملازمن جي موڪلن تي پابندي لاڳو

اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي نگراني هيٺ اهو تربيتي سيشن ڪوئيٽا، لورالائي، سبي ۽ خضدار ۾ منعقد ڪيا ويا. ڪوئيٽا ۾ آر اوز جي تربيت جو عمل مقامي هوٽل ۾ شروع ٿيو: ترجمان اليڪشن ڪميشن

تربيتي سيشنز ۾ قومي، صوبائي تڪن جا آر اوز حصو وٺي رهيا آهن. ريٽرننگ آفيسرن جي تربيت جو عمل سياڻي به جاري رهندو، آر اوز کان پوءِ اڳاري تي ڊي آر اوز جي هڪ جي ٽريننگ ٿيندي جيڪا 19 ڊسمبر تائين جاري رهندي

ووٽرن جي داخلا تبديلي ۽ درستگي تي پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي. اليڪشن ڪميشن جي آفيسرن، ملازمن ۽ ريٽرننگ آفيسرن جي موڪلن تي به پابندي لڳائي وئي آهي

حڪومتي ۽ سرڪاري ادارن ۾ هر قسم جي ٽرانسفر ۽ پوسٽنگ تي مڪمل پابندي لڳائي وئي آهي ڪنهن به ايمرجنسي ٽرانسفر يا پوسٽنگ جي لاءِ معاملو اليڪشن ڪميشن ڏانهن اماڻيو ويندو: نوٽيفڪيشن جو متن

ڊي سي اسلام آباد تعليمي ادارن ۾ اسٽاف جي موڪلن تي پابندي لڳائي ڇڏي، عام چونڊن تائين ڪنهن به سرڪاري ملازم کي موڪل جي اجازت نه هوندي: ڊي سي اسلام آباد

اسلام آباد (م ڊ) اينڊڙ عام چونڊن جي لاءِ بلوچستان ۾ ريٽرننگ آفيسرن (آر اوز) ۽ ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسرن (ڊي آر اوز) جي تربيت جي شروعات ٿي وئي آهي. اليڪشن ڪمشنر جي ترجمان موجب اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي نگراني هيٺ اهو تربيتي سيشن ڪوئيٽا، لورالائي، سبي ۽ خضدار ۾ منعقد ڪيا ويا. ڪوئيٽا ۾ آر اوز جي تربيت جو عمل مقامي هوٽل ۾ شروع ٿيو. تربيتي سيشنز ۾ قومي، صوبائي تڪن جا آر اوز حصو وٺي رهيا آهن. ريٽرننگ آفيسرن جي تربيت جو عمل سياڻي به جاري رهندو. آر اوز کان پوءِ اڳاري تي ڊي آر اوز جي هڪ جي ٽريننگ ٿيندي جيڪا 19 ڊسمبر تائين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

پ پ طرفان تحريڪ انصاف سان چونڊ اتحاد نه ڪرڻ جو فيصلو

پ پ جي شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري جي گورنر هائوس ۾ خيبر پختونخواهه جي گورنر غلام علي سان ملاقات ٿي

ملاقات ۾ پ پ جو وفد ۽ جي يو آءِ (ف) جا اڳواڻ به موجود هئا. ملاقات ۾ صوبي جي سياسي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

گڏريل ڏينهن آصف زرداري سان پ پ جي ٽڪيٽ هولڊرن ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ چونڊن جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي: پ پ خيبر پختونخواهه جو جنرل سيڪريٽري ملڪ محمد سعيد

آصف زرداريءَ جي ڪي پي جي گورنر غلام علي سان به ملاقات، ٻنهي اڳواڻن جي ملاقات ۾ پيپلز پارٽي جا صوبائي اڳواڻ به موجود هئا

ملاقات ۾ اڳوڻي صدر پارٽي اڳواڻن کي پي ٽي آءِ سان چونڊ اتحاد نه ڪرڻ جي هدايت ڪندي واضح ڪيو ته ٻين جماعتن سان اتحاد جو فيصلو صوبائي قيادت ڪندي

ٻين پارٽين سان اتحاد جو فيصلو صوبائي قيادت ڪندي هن پارٽي اڳواڻن کي اختلاف جلد کان جلد ختم ڪرڻ جون به هدايتون ڏئي ڇڏيون آهن: آصف علي زرداري

پشاور (م ڊ) پ پ تحريڪ انصاف سان چونڊ اتحاد نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. پ پ جي شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري جي گورنر هائوس ۾ خيبر پختونخواهه جي گورنر غلام علي سان ملاقات ٿي، جنهن ۾ پ پ جو وفد ۽ جي يو آءِ (ف) جا اڳواڻ به موجود هئا. ملاقات ۾ صوبي جي سياسي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان حوالي سان پ پ خيبر پختونخواهه جي جنرل سيڪريٽري ملڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

پشاور: پ پ جو شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري خيبر پختونخواهه جي گورنر غلام علي سان ملاقات ڪندي

ايئرپورٽن تي ججن ۽ سندن زالن جي تلاشي نه وٺڻ جو حڪم

12 آڪٽوبر تي انهن ماڻهن جي ڳولا کان استثني' جا وارنٽ جاري ڪيا ويا هئا

سپريم ڪورٽ جي هدايت تي سيڪريٽري ايوي ايشن کي سرچ آرڊر جاري ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) چيف جسٽس سميت حاضر سروس ججن ۽ سندن ساٿين جي ملڪ جي ايئرپورٽس تي تلاشي نه ورتي ويندي. 12 آڪٽوبر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

آءِ ايم ايف پاڪستان ۾ پگهارن تي ٽيڪس لڳائڻ جي ترديد ڪري ڇڏي

پگهارن تي ٽيڪس لڳائڻ جو ڪو به ارادو نه آهي: آءِ ايم ايف

پيٽروليم ليوي جي حد وڌائڻ جو ڪو به مطالبو نه ڪيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) آءِ ايم ايف پاڪستان ۾ پگهارن تي ٽيڪس لڳائڻ جي ترديد ڪري ڇڏي آهي. خانگي ٽي وي موجب آءِ ايم ايف جي نمائندي چيو آهي ته پگهارن تي ٽيڪس ۾ اضافي جي مطالبي جو ڪو به ارادو نه آهي. آءِ ايم ايف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

لاهور: پيپلز پارٽي اڳواڻ ۽ ماهر قانوندان سردار لطيف کوسه پي ٽي آءِ ۾ شامل ٿيڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي

(ن) ليگ پنجاب ۾ (ق) ليگ کان سواءِ ڪنهن سان به چونڊ اتحاد نه ڪندي: جاويد لطيف

نظريو ڪمزور ٿي وڃي ته ملڪ قائم نه رهندو آهي، دهشتگردي سرحد پار کان ٿئي يا رياست جي اندر ٻئي ڏوهه آهن

ٻين صوبن ۾ سياسي اتحاد ڪري سگهون ٿا، چونڊن ۾ دير سان رياست ۽ سياست ۾ (ن) ليگ کي نقصان پهتو هو

سپريم ڪورٽ وقت تي فيصلو ڪري قوم ۽ ملڪ کي بچائي ورتو: شيخوپوره ۾ پريس ڪانفرنس

شيخوپوره (م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ ميان جاويد لطيف چيو آهي ته مسلم ليگ (ن) پنجاب ۾ مسلم ليگ (ق) کان سواءِ ڪنهن به ٻئي پارٽي سان چونڊ اتحاد نه ڪندي. شيخوپوره ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ميان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پيٽروليم شين جون قيمتون گهٽ ٿيڻ باوجود ڀاڄيون مهانگي اگهن تي وڪرو ٿيڻ لڳيون

پيٽرولم شيون ۽ ڊالر جي قيمتن ۾ لاٿ جو عام ماڻهن کي ڪهڙو فائدو پهچي ٿو: شهري

صوف 150 کان 300 روپيه ڪلو مليا ته ڏاڙهون 350 روپيه ڪلو ۽ انگور 200 کان 350 روپيه ڪلو ۾ وڪرو

لاهور (م ڊ) پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ نمايان لاٿ جي باوجود شهرين لاءِ روزاني جي عام واهپي وارين شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي نه اچي سگهي آهي. تفصيل موجب مهانگائي جو جن ٻوتل مان نڪتو آهي پر واپس وڃڻ جو نالو ئي نٿو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پي ٽي آءِ جو باني جنرل فيض جي مدد ڪندو هو: پرويز خٽڪ

جيڪڏهن ڪو توهان وٽ اچي ۽ توهان ان جي ڳالهه نه ٻڌي ته نتيجو توهان جي سامهون آهي

توهان هر وقت پنهنجي خدمت نٿا ڪري سگهو. توهان کي ڪجهه ٻڌڻو پوندو

فيصلا هڪ طرفا نه ٿيندا آهن. خان صاحب پنهنجي مرضي سان ڪندو هو ڪنهن جي راءِ نه وٺندو هو

پشاور: تحريڪ انصاف پارليامينٽرينز (پي ٽي آءِ) سربراهه پرويز خٽڪ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪ انصاف پارليامينٽرينز (پي ٽي آءِ) جي سربراهه پرويز خٽڪ چيو آهي ته پي ٽي آءِ جي باني جا جنرل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

نواز شريف جي سنڌ تي نظر، شهباز شريف ۽ مريم نواز ڪراچي مان اليڪشن وڙهندا

لاهور (م ڊ) پيپلز پارٽي کي ٽف ٽائيم ڏيڻ لاءِ ن ليگ سربراهه نواز شريف جي سنڌ تي نظر مسلم ليگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پنجاب جو اڳوڻو گورنر ۽ سينيئر قانوندان لطيف کوسه پاڪستان تحريڪ انصاف ۾ شامل

خوشي جو سفر ڪرڻ لاءِ اهو قدم کنيو آهي. رياست ماءُ هوندي آهي: لطيف کوسه

اڄ نه چادر، چارديواري جو تحفظ آهي نه ئي جان مال جو. مان اڄ نفرتن کي ختم ڪري هڪ نئين سفر جي دعوت ڏيان ٿو

مون کي لفٽ ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ بند رکيو ويو پر سچ کي سچ چوڻو آهي ڊڄڻ جي ضرورت نه آهي

لاهور (م ڊ) پنجاب جي اڳوڻي گورنر، پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳوڻي اڳواڻ ۽ ماهر قانوندان سردار لطيف کوسه پاڪستان تحريڪ انصاف ۾ شموليت اختيار ڪري ورتي آهي. لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سردار لطيف کوسه چيو ته اڄ خوشي جو سفر ڪرڻ لاءِ اهو قدم کنيو آهي. رياست ماءُ هوندي آهي. اڄ نه چادر، چارديواري جو تحفظ آهي نه ئي جان مال جو. مان اڄ نفرتن کي ختم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

لاهور ۾ جوابدار اڳوڻي زال، سهري، سالي ۽ سالي کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو

باغبانپوره جي علائقي پرسان شادي هال ٻاهران فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ئي خاندان جي 2 عورتن سميت 4 ڄڻا مارجي ويا

جوابدار سلمان پنهنجي اڳوڻي گهرواري ڪرن، ساليءَ 20 ورهين جي طيبه، سالي عبدالله ۽ سهري 50 ورهين جي محبوب کي گوليون هڻي قتل ڪيو

متاثر خاندان فيصل آباد جي سوسائٽي ايڊن گارڊن ۾ رهندو هو، مقتول محبوب لاهور ۾ پنهنجي ڀائٽي جي شادي ۾ شرڪت جي لاءِ آيو هو

لاهور (م ڊ) لاهور جي علائقي باغبانپوره جي علائقي پرسان شادي هال ٻاهران فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ئي خاندان جي 2 عورتن سميت 4 ڄڻا مارجي ويا جڏهن ته 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا. آءِ جي پنجاب واقعي جو نوٽيس وٺندي جوابدار جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

تفريحي جاين کي آئوٽ سورس ڪرڻ سان حڪومت تي بوجهه نه پوندو: ارشد ولي

سنڌ ٽوئرزم ڊپارٽمينٽ جي 4 پراپرٽيز کي آئوٽ سورس ڪيو وڃي

سنڌ جي سياحت ۽ ماحوليات واري نگران وزير جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سياحت ۽ ماحوليات واري نگران وزير ارشد ولي محمد جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ پي پي پي پاليسي بورڊ ۾ فيصلو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

غزه تي اسرائيلي فوج جا حملا جاري، وڌيڪ 35 فلسطيني شهيد

ويسٽ بئنڪ ۾ اسرائيلي فوج جي فائرنگ ۾ وڌيڪ 2 فلسطيني شهيد ٿي ويا

اسرائيلي فوج ڪمال عدوان اسپتال ۾ بي گهر ٿيل فلسطينين جي خيمن کي بلڊوز ڪري ڇڏيو

غزه جي مختلف علائقن ۾ اسرائيلي فوج تي راڪيٽن، مارٽر گولن ۽ سنائپر رائفلز سان حملا ڪيا

فلسطيني شهرن تي ٿيل اسرائيلي حملن جو ڏيک

غزه (مانيٽرنگ ڊيسڪ) جباليا، خان يونس سميت ڪيترن ئي علائقن تي اسرائيلي فوج جا حملا جاري آهن. جنهن ۾ وڌيڪ 35 فلسطيني شهيد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسلام آباد ۾ ڦورن جي فائرنگ: پوليس اهلڪار پٽ سميت مارجي ويو

اهلڪار ڊيوٽي ختم ڪري پٽ سان گڏ واپس گهر وڃي رهيو هو ته جي اليون 4 ۾ ڦرجي ڪارروائي لاءِ بيٺل ڦورن کي هن پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي

ڦورن پوليس اهلڪار مٿان انڌا ڌنڌ فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ اسلام آباد پوليس جو هيڊ ڪانسٽيبل محمد اشرف ۽ سندس پٽ مارجي ويا

واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس جي وڏي نفري موقعي تي پهچي وئي، پوليس جوابدارن جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن شروع ڪري ڏنو

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد جي سيڪٽر جي اليون فور ۾ ڦورن جي فائرنگ سبب پوليس جو هيڊ ڪانسٽيبل پٽ سميت مارجي ويو آهي. ان حوالي سان ٻڌايو پيو وڃي ته پوليس اهلڪار ڊيوٽي ختم ڪري پٽ سان گڏ واپس گهر وڃي رهيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: ڦورن جي فائرنگ ۾ شهيد اهلڪار اشرف جي حياتي جي تصوير

سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم پيراڊائيز بيڪري جو اوچتو معائنو، اڍائي لک روپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو

ڪراچي (م ڊ) سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم نگران وزير اعليٰ سنڌ جسٽس ريٽائرڊ مقبول باقر ۽ ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين جي هدايت تي پيراڊائيز بيڪري گلزار هجري جو اوچتو معائنو ڪيو. معائني دوران صفائي سٿرائي جي حالت انتهائي ناقص هئي. بيڪري تي ڪم ڪندڙ اسٽاف جو ميڊيڪل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

لياري ٽائون ۾ ڦهريون فري ميگا ميڊيڪل ڪيمپز جو اهتمام

ڦهريان فري ميگا ميڊيڪل ڪيمپز ۾ مختلف طبي سهولتون فراهم ڪيون وينديون

11 يونين ڪائونسلن ۾ چنجر واري ڏينهن 11 فري ميڊيڪل ڪيمپز لڳايون وينديون

ڪراچي (رپورٽر) سيلاني ويلفيئر انٽرنيشنل ٽرسٽ جي سهڪار سان پوليو پروگرام ڏيهي ڪمشنر سائوٿ ۽ انجمن مسلم آزاد جي اشتراڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪراچي: نگران صوبائي وزير محمد يونس ڍاڳا ڊجيٽلائيزيشن ۽ آن لائن فيسيليٽيشن سينٽر جو افتتاح ڪري رهيو آهي

پيٽرول سستو ٿيڻ کان پوءِ عام واهپي وارين شين جي قيمتن ۾ لاٿ جو امڪان

نگران حڪومت گذريل 3 مهينن دوران پيٽرول ۾ 62 روپيه ۽ ڊيزل ۾ 55.17 روپيه لاٿ ڪئي

پيٽروليم قيمتن ۾ ڦهريان 40 روپيه ۽ هاڻ 14 روپين جي لاٿ سان عوام کي ڪافي حد تائين رليف مليو

اسلام آباد (م ڊ) پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ وڏي لاٿ کان پوءِ هاڻ عام واهپي جي شين جي قيمتن ۾ به لاٿ جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي. ذريعن موجب پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ لاٿ سان عام واهپي جي شين ۾ به هيٺ مٿاهين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

راولپنڊي ۾ شادي جي تقريب ۾ پراڻي شيرواني ڏيڻ لاءِ شهري عدالت پهچي ويو

شهري عثمان شبير فيشن هائوس جي مالڪ کي 5 لک رپيا هرجاڻي جو نوٽيس موڪلي ڇڏيو

شهري کي پراڻي شيرواني واپس وٺڻ بعد نئين شيرواني جا پئسا واپس ڏنا ويا

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) راولپنڊي ۾ شادي جي تقريب ۾ پراڻي شيرواني ڏيڻ لاءِ شهري عدالت پهچي ويو. شهري عثمان شبير فيشن هائوس جي مالڪ کي 5 لک رپيا هرجاڻي جو نوٽيس موڪلي ڇڏيو، جنهن ۾ پراڻي شيرواني واپس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سيڪيورٽي خدشا: ٽانڪ ۽ ڊيرا اسماعيل خان ۾ پوليو مهم ملتوي

ٽانڪ ۽ ڊيره اسماعيل خان ۾ دهشتگردي جي تازن واقعن سبب پوليو کان بچاءَ جي مهم ملتوي ڪئي وئي

ڊيره اسماعيل خان ۾ پوليو کان بچاءَ جي مهم 18 ڊسمبر کان شروع ٿي هئي

سيڪيورٽي خدشن سبب ان کي ملتوي ڪرڻو پئجي ويو آهي: ذريعا

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخواهه جي ٻن اهم ضلعن ٽانڪ ۽ ڊيره اسماعيل خان ۾ دهشتگردي جي تازن واقعن سبب پوليو کان بچاءَ جي مهم ملتوي ڪئي وئي آهي. ذريعن موجب ٽانڪ ۽ ڊيره اسماعيل خان ۾ پوليو کان بچاءَ جي مهم 18 ڊسمبر کان شروع ٿي هئي پر سيڪيورٽي خدشن سبب ان کي ملتوي ڪرڻو پئجي ويو آهي. ياد رهي ته گذريل ڪجهه وقت کان خيبرپختونخواهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اسلام آباد ۾ سرڪاري ملازمن جي موڪلن تي پابندي لاڳو

ڊي سي تعليمي ادارن ۾ اسٽاف جي موڪلن تي پابندي هڻي ڇڏي

ڊي جي فيڊرل ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن کي خط لکيو ويو

اسلام آباد (م ڊ) سرڪاري ملازمن لاءِ ٻري خبر آهي ته اسلام آباد ۾ انهن جي موڪلن تي پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي. اسلام آباد ۾ سرڪاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

غزه ۾ اسرائيلي ظلم خلاف عالمگير احتجاج، لنڊن ۾ اسرائيلي سفير جي گهر جو گهيراءُ

اتر لنڊن ۾ احتجاجي ريلي دوران مظاهرين اسرائيلي سفير جي گهر کي گهيراءُ ۾ آڻي ڇڏيو

مظاهرين فلسطين آزاد ڪريو ۽ غزه ۾ جنگبندي ڪريو جا زوردار نعرا هنيا، سوئيڊن ۾ به فلسطين جي حق ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

سوئيڊن جي راڄڌاني اسٽاڪ هوم ۾ فلسطيني جهنڊا کڻي سوين ماڻهن طرفان جنگبندي جو مطالبو ڪيو ويو

غزه (م ڊ) غزه ۾ اسرائيلي ظلم خلاف عالمگير احتجاج. لنڊن ۾ مظاهرين طرفان اسرائيلي سفير جي گهر جو گهيراءُ ڪيو ويو برطانوي ميڊيا موجب اتر لنڊن ۾ احتجاجي ريلي دوران مظاهرين اسرائيلي سفير جي گهر کي گهيراءُ ۾ آڻي ڇڏيو مظاهرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اسان جي سياست معاشي دٻاءَ ۾ آهي: فضل الرحمان

پارليامينٽ ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو؟ بيوروڪريسي ڇا ڪيو؟ اسان جي بزرگن ملڪ لاءِ قربانيون ڏنيون

گڏيل قومن، سلامتي ڪائونسل ۽ انساني حقن جون بنيادي تنظيمون سڀ ناڪام ٿي چڪيون آهن. اسان جي آزادي خطري ۾ آهي

اسان جي سياست معاشي دٻاءَ ۾ آهي، صهيوني قوتون فلسطينين سان ڇا ڪري رهيون آهن. جنهن انسانيت کي شرمسار ڪيو آهي

مردان (مانيٽرنگ ڊيسڪ) جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته اسان هن ملڪ سان ڇا ڪيو آهي؟ پارليامينٽ ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو؟ بيوروڪريسي ڇا ڪيو؟ اسان جي بزرگن ملڪ لاءِ قربانيون ڏنيون. پرڏيهي ايجنٽ توهين رسالت ۾ ملوث آهن. مدرسن خلاف ٿيندڙ هر سازش کي ناڪام بڻائينداسين. گڏيل قومن، سلامتي ڪائونسل ۽ انساني حقن جون بنيادي تنظيمون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

مردان: جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

خانپور ويجهو فصل جي پيل تان جهيڙو، هڪ ڄڻو قتل، 2 زخمي

خانپور (رپورٽر) خانپور ويجهو فصل جي پيل تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو قتل ٿي ويو. 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا فصل جي پيل تان سبزوئي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو فائرنگ ۾ نوجوان قتل ٿي ويو. 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا رستم ٽائي جي حد ڳوٺ چمن سڪيور ۾ گوليون لڳڻ سبب نوجوان غلام شبير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پنجاب ۾ ڊينگي جا وڌيڪ 18 ڪيس ظاهر

لاهور ۾ ڊينگي جا 10، گوجرانوالا ۾ 2 ۽ فيصل آباد ۾ 2 ڪيس رپورٽ ٿيا

ملتان، شيخوپوره، اوڪاڙه ۽ نارووال ۾ ڊينگي جو هڪ هڪ ڪيس سامهون آيو آهي: صحت کاتو

لاهور (م ڊ) پنجاب ۾ 24 ڪلاڪن دوران ڊينگي جا وڌيڪ 18 ڪيس سامهون آيا آهن. صحت کاتي موجب پنجاب ۾ هلندڙ سال ڊينگي جا 15 هزار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

هزارين ماڻهو روڊن تي نڪري آيا، بنگلاديشي وزيراعظم کان استعيفيٰ جو مطالبو

بنگلاديشي راڄڌاني ڍاڪا ۾ اپوزيشن جماعتن جي ڪال تي هزارين ماڻهو روڊن تي نڪري آيا

7 جنوري تي ٿيندڙ چونڊون نگران حڪومت جي سربراهي ۾ ڪرايون وڃن: اپوزيشن جماعت جو مطالبو

بنگلاديش ۾ اينڊڙ عام چونڊن ۾ بنگلاديشي وزيراعظم شيخ حسينه واجد پنجون ڀيرو وزيراعظم جي اميدوار آهي

ڍاڪا (م ڊ) بنگلاديشي راڄڌاني ڍاڪا ۾ اپوزيشن جماعتن جي ڪال تي هزارين ماڻهو روڊن تي نڪري آيا. وزيراعظم حسينا واجد خلاف نعريبازي ڪندي حڪومت کان مستعفي ٿيڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو بنگلاديش ۾ اپوزيشن جماعت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڍاڪا: بنگلاديشي راڄڌاني ڍاڪا ۾ اپوزيشن جماعتن جي ڪال تي هزارين ماڻهو احتجاج ڪندي

ڪراچي دنيا جو آلودگي وارو شهر قرار، مضر صحت 332 ذرڙا رڪارڊ

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي نه رڳو ملڪ پر دنيا جو سڀ کان وڌيڪ آلودگي وارو شهر بڻجي ويو آهي، جتي ڪليل هوا ۾ ساهه کڻڻ ناممڪن ۽ صحت لاءِ خطرو بڻجي ويو آهي آچر تي ڏينهن جون سرگرميون شروع ٿيڻ کان اڳ شهر صبح جو سوير 332 جي ذرات واري معاملي جي ڳڻپ رڪارڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

مهانگي پرمٽ حاصل ڪندڙ آمريڪي شهري پاران مارخور جو شڪار

آمريڪي شهري ڊيرن جيمز مل مين پرمٽ حاصل ڪرڻ بعد چترال ۾ مارخور جو شڪار ڪيو

شڪاريءَ مارخور جي شڪار جي پرمٽ 2 لک 32 هزار ڊالر ۾ حاصل ڪئي هئي: جهنگلي جيوت کاتو

مارخور جو شڪار ڪندڙ آمريڪي شهري

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) تاريخ جي سڀ کان مهانگي پرمٽ حاصل ڪندڙ آمريڪي شهريءَ پاڪستان ۾ مارخور جو شڪار ڪري ورتو. آمريڪي شهري ڊيرن جيمز مل مين پرمٽ حاصل ڪرڻ بعد چترال ۾ مارخور جو شڪار ڪيو. جهنگلي جيوت کاتي جي ذريعن موجب شڪاريءَ مارخور جي شڪار جي پرمٽ 2 لک 32 هزار ڊالر ۾ حاصل ڪئي هئي. ذريعن موجب شڪار ٿيل مارخور جي عمر ساڍا 9 سال ۽ سندس سڱن جي ڊيگهه 45 انچ هئي. جهنگلي جيوت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

نگران صوبائي وزير محمد يونس ڍاڳا ڊجيٽلائيزيشن ۽ آن لائن فيسيليٽيشن سينٽر جو افتتاح ڪري ڇڏيو

ايراضي جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ آن لائن خدمتون نگران سنڌ حڪومت جو سنگ ميل منصوبو آهي: يونس ڍاڳا

نگران سنڌ حڪومت روينيو ايراضي جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ آن لائن خدمتن جي فراهمي لاءِ آباد آفيس ۾ نئي فيسيليٽيشن سينٽر ٺاهيو آهي

شهري آباد جي ميمبرن پنهنجي آفيس ۾ ويهي پنهنجون درخواستون جمع ڪرائي سگهن ٿا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي روينيو، صنعت ۽ واپار واري نگران وزير محمد يونس ڍاڳا ايسوسي ايشن آف بلڊرز اينڊ ڊيولپرز پاڪستان (آباد) جي آفيس ۾ روينيو ايراضي جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ آن لائن فيسيليٽيشن سينٽر جو افتتاح ڪري ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

تيز رفتار ٽينڪر گهر ۾ داخل، سٿل شخص فوت، 3 زخمي

بلديه گلشن غازي ۾ تيز رفتار واٽر ٽينڪر هڪ گهر ۾ ٽڪرائجي ويو

حادثي جي نتيجي ۾ گهر ۾ سمهندڙ هڪ شخص پاڻي جي ٽينڪر سان ٽڪرائجي فوت ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي بلديه گلشن غازي ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو جتي تيز رفتار واٽر ٽينڪر هڪ گهر ۾ ٽڪرائجي ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

بصر جي امڪاني بحران کان بچڻ لاءِ نگران حڪومت پاران اڳواٽ قدم کڻندي برآمد محدود ۽ سخت ڪرڻ جو فيصلو

بصر برآمد ڪرڻ جي اجازت رڳو ايڊوانس ادائيگي جي شرط تي ئي هوندي: ذريعا

بصر جي برآمد تي نوان شرط 29 فيبروري 2024 تائين لاڳو هوندا

اسلام آباد (م ڊ) بصر جي امڪاني بحران کان بچڻ لاءِ نگران حڪومت اڳواٽ قدم کڻندي برآمد محدود ۽ سخت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ذريعن موجب نگران حڪومت ملڪ ۾ بصر جي اڳهه ۾ استحڪام لاءِ قدم کڻڻ شروع ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

مسلم ليگ (ن) سنڌ جو صدر بشير احمد ميمڻ پاران صاحباڻي هائوس ۾ دعوت ۾ شرڪت

مسلم ليگ ن ۾ شموليت اختيار ڪندڙ ياسر خان ٻير جي رهائشگاهه صاحباڻي هائوس تي تقريب

ايندڙ وزيراعظم محمد نواز شريف هوندو هو ملڪ جي خوشحالي، امن ۽ ترقي جو ضامن آهي: بشير ميمڻ

بئراج جي پڇڙي وارن آبادگارن جون زمينون سڪائي منډ جي بااثر آبادگارن جون زمينون آباد ڪيون پيون وڃن

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ۾ مسلم ليگ ن سنڌ جو صدر بشير احمد ميمڻ اڳواڻي ايم اين اي ڪينئل داس ڪوهستاني مسلم ليگ ليڊيز ونگ سنڌ جي صدر زاهده پنهور اڳواڻي ايم پي اي سورٺ ٿيبو دادو ۾ تازو پي پي پي کي ڇڏي مسلم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

دادو: مسلم ليگ (ن) سنڌ جو صدر بشير احمد ميمڻ پاران صاحباڻي هائوس ۾ دعوت ۾ شرڪت ڪئي

خيرپور جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد
ڳوٺ جانوري پرسان پوليس جي
مقابلي وارو معاملو

خيرپور (ڊ ر) خيرپور جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ جانوري پرسان مديجي جي ٻن نوجوانن ذيشان ڪوڪر ۽ حريت پنهور پوليس جي مبينا مقابلي ۾ قتل ڪرڻ وارو معامرو، انساني حقن واري ڪاني جي صوبائي سيڪريٽري تحسين فاطمه طرفان نوٽيس ورتو ذيشان ڪوڪر ۽ حريت الله پنهور جي وارثن کي گهرائي ملاقات ڪري تفصيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نيشنل پريس ڪلب غوٿپور جي سال 2024 جي نئين ايندڙ سال جي چونڊ

صلاح مشوري سان نيشنل پريس ڪلب غوٿپور جي نئين باڊي جي چونڊ ڪئي وئي

نئين باڊي ۾ صدر غوٿپور جي نجي ٽي وي نيوز چينل رپورٽر برڪت علي پيو کي چونڊيو ويو

غوٿپور (عبدالنبي ملڪ) غوٿپور، نيشنل پريس ڪلب غوٿپور جي سال 2024 جي نئين ايندڙ سال جي چونڊ حبيب الله خان ٻهلڪاڻي ۽ مهير خان باجڪاڻي جي اڳواڻي ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ سيني دوستن جي صلاح مشوري سان نيشنل پريس ڪلب غوٿپور جي نئين باڊي جي چونڊ ڪئي وئي پريس ڪلب جي نئين باڊي ۾ صدر غوٿپور جي نجي ٽي وي نيوز چينل رپورٽر برڪت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

گورنمينٽ آرٽس اينڊ ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻي جي شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران موهن جي دڙي جو دورو

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ماڳ موهن جي دڙي ۽ ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻي جي اسٽڊي ٽرپ ڪرائي وئي

ڪاليج پاران ٽرپ ۾ فرسٽ ايئر، انٽر، بي ڪام ون ۽ بي ڪام پارٽ ٽوجا شاگرد ۽ شاگردياڻيون شامل هيون

ريڪريئيشن هال، آءِ ٽي ليب، لائبريري، آرڪائيوز، اسپورٽس ڪامپليڪس، اقبال آڊيٽوريم وغيره گهمايا ويا

ڏوڪري (رپورٽر) گورنمينٽ آرٽس اينڊ ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻي جي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي تاريخي ماڳ موهن جي دڙي ۽ ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻي جي اسٽڊي ٽرپ ڪرائي وئي، جنهن جي اڳواڻي ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر رضوان گل ڪئي، هن ٽرپ ۾ فرسٽ ايئر، انٽر، بي ڪام ون ۽ بي ڪام پارٽ ٽوجا شاگرد ۽ شاگردياڻيون شامل هيون. شاگردن کي ڪيڊٽ ڪاليج جا مختلف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڏوڪري: گورنمينٽ آرٽس اينڊ ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻي جي شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران موهن جي دڙي جو دورو ڪيو ويو

اليڪشن ڪميشن پاران 25
رٽرننگ آفيسرن جي ٽريننگ شهر
جي سمبارا هوٽل ۾ شروع

لاڙڪاڻو (رپورٽر) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي هدايتن تي اليڪشن ڪميشن لاڙڪاڻو طرفان لاڙڪاڻي، قمبر شهدادڪوٽ، شڪارپور، جيڪب آباد ۽ ڪشمور ڪنڌڪوٽ ضلعن جي 25 رٽرننگ آفيسرن جي ٽريننگ شهر جي سمبارا هوٽل ۾ شروع ڪئي وئي آهي جيڪا ٻن ڏينهن تائين جاري رهندي. اليڪشن ڪميشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

هيلٿ ڊپارٽمينٽ تعلقه سڪرنڊ پاران ايم ايس پاران پوليو ٽيم جي اعزاز ۾ تقريب

پوليو ٽيم جي اعزاز ۾ ٽائون ڪميٽي سڪرنڊ ۾ بيسٽ ايوارڊ تقريب منعقد ڪئي وئي

ايڊووڪيٽ علي حيدر شاهه، ٽائون ڪميٽي چيئرمين سيد عزير اختر شاهه ۽ ٻين پاران شرڪت

سڪرنڊ (رپورٽر) هيلٿ ڊپارٽمينٽ تعلقه سڪرنڊ پاران ايم ايس ڊاڪٽر امتياز چانڊيو، ڊاڪٽر هدايت الله لکمير ۽ فهميد ڪيريو جي سربراهي ۾ يو سي سڪرنڊ ون پوليو ٽيم جي اعزاز ۾ ٽائون ڪميٽي سڪرنڊ ۾ بيسٽ ايوارڊ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ پ پ اڳواڻ غلام شا لغاري، ايڊووڪيٽ علي حيدر شا، ٽائون ڪميٽي چيئرمين سيد عزير اختر شا، ڊاڪٽر شفقت گل سميت ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي مهمانن چيو ته اسين خراج تحسين پيش ڪريون ٿا انهن ليڊي هيلٿ ورڪرز کي، جيڪي مينهن هجن يا گرميون، سرديون هجن يا طوفان ٻارن کي پوليو جا قطرا پيارڻ لاءِ هر دروازي تي پهچن ٿيون. ايوارڊ تقريب ۾ ليڊي هيلٿ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ملير ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ شاعري مجموعي "اوسيئڙي جا گل" جي مهورتي تقريب

تقريب ۾ ناليواري شاعر سيد غفور شاهه، سنڌي ادبي سنگت جي جوائنٽ سيڪريٽري شريڪ ٿيا

سڪندر سروڻ، امتياز دانش، زاهده ڏاهري، منصور ڏاهري، غوث پيرزادو، ايڊووڪيٽ ارشاد شر شرڪت ڪئي

اڄوڪي سنڌ ۾ گڏريل هڪ وڏي وقت کان اهڙي ڪتاب وقت جي ضرورت پوري ڪئي آهي: ڊاڪٽر سليمان سولنگي

ملير (رپورٽر) سنڌي ادبي سنگت شاخ ملير پاران شاعره امرتا ڏاهري جي شاعري مجموعي "اوسيئڙي جا گل" جي مهورتي تقريب شاهه ٽائون ۾ ٿي گذري، مهورتي تقريب ۾ ناليواري شاعر سيد غفور شاهه، سنڌي ادبي سنگت جي جوائنٽ سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ملير: سنڌي ادبي سنگت شاخ ملير پاران شاعره امرتا ڏاهري جي شاعري مجموعي "اوسيئڙي جا گل" جي

سرهاڙي توڙي پرياسي ۾ يوريا ڀاڻ ۽
ڊي اي پي ڀاڻ کي پرلڳي ويا،
آبادگارن ۾ پريشاني

سرهاڙي (رپورٽر) سرهاڙي توڙي پرياسي ۾ يوريا ڀاڻ ۽ ڊي اي پي ڀاڻ کي پرلڳي ويا ڀاڻ جو ريٽ آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو آبادگار سخت پريشاني ۾ مبتلا انتظاميا پاران ڀاڻ جو بليڪ تي وڪرو جو ڄاڻ تائين ڪو به تحرڪ نه ورتو هاري آبادگار سخت پريشان ڪڻڪ جي ڪاهيل فصل کي ڪاپاري ڏک آبادگارن کي لڪين رهين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڏوڪري ۾ چونڊجي آيل تعلقه پريس ڪلب جي عهديدارن کي مبارڪون جاري

جي يو آءِ سٽي يونٽ جي جنرل سيڪريٽري امان الله جهتيال، علي اڪبر ميمڻ مبارڪون ڏنيون

اميد ٿا ڪيون ته ڏوڪري جي مظلوم عوام جو آواز اعلي ايوانن تائين پهچائيندا رهندا: امان الله جهتيال

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري ۾ چونڊجي آيل تعلقه پريس ڪلب ڏوڪري جي عهديدارن کي مبارڪون ڏيڻ لاءِ سياسي سماجي ۽ مذهبي ڌرين جي اچڻ جو سلسلو جاري آهي جنهن ۾ ڏوڪري جي جي يو آءِ سٽي يونٽ جي جنرل سيڪريٽري امان الله جهتيال، سٽي جي امير علي اڪبر ميمڻ، شاهه پبلڪ اسڪول ايڊمن عبدالرزاق جوڻيجو ۽ ڪيڊٽ ڪاليج کان آيل جاويد علي گاڏهي جن مبارڪون ڏيڻ سان گڏ گلن جا هار پارايا. ان موقعي تي آيل مهمانن ڳالهائيندي چيو ته تعلقه پريس ڪلب ڏوڪري جا چونڊجي آيل عهديدار ڏوڪري شهر جي اهم مسئلن تي بهتر لکڻ ڄاڻيندا آهن. سندن مان اميد ٿا ڪيون ته ڏوڪري جي مظلوم عوام جو آواز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

تحريڪ انصاف ٽنڊوالهيار پاران ضلعي جي ٽنهي تڪن تي اميدوارن جي نالن جو اعلان

ايڊووڪيٽ اسلم لغاري، ڊاڪٽر شڪيل پلهه، راشد ميئو، نسرين خانزاده پريس ڪانفرنس ڪئي

قومي سيٽ اين اي 217 تي ڊاڪٽر شڪيل پلهه، راشد ميئو، روزينه پٽو، الطاف حسين شاهه اميدوار هوندا

ٽنڊوالهيار مان تحريڪ انصاف ڪاميابي حاصل ڪندي ۽ مخالف کي بدترين شڪست ڏيندا سين: اسلم لغاري

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار پاڪستان تحريڪ انصاف ٽنڊوالهيار پاران ضلعي جي ٽنهي تڪن تي اميدوارن جي نالن جو اعلان ڪري ڇڏيو، حتمي فيصلو اعلي قيادت ڪندي، ضلعي صدر خبر موجب ٽنڊوالهيار ۾ انصاف هائوس تي پاڪستان تحريڪ انصاف جي ضلعي صدر ايڊووڪيٽ اسلم لغاري، ڊاڪٽر شڪيل پلهه، راشد ميئو، نسرين خانزاده پارٽي ورڪرن سان ڳالهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٽنڊوالهيار: تحريڪ انصاف ٽنڊوالهيار پاران ضلعي جي ٽنهي تڪن تي اميدوارن جي نالن جو اعلان ڪيو ويو

جماعت حيدرآباد پاران 35 غريب
يتيم ۽ مسڪينن جوڙن جي
اجتماعي شادي جي تقريب

مٽياري (رپورٽر) جماعت حيدرآباد پاران 35 غريب يتيم ۽ مسڪينن جوڙن جي اجتماعي شادي جي شاندار تقريب منعقد، جنهن ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار طرفان خوشي جو اظهار ڪيو ويو، جماعت جي قدم جي واکاڻ هالا ۾ سماجي تنظيم هالار ميمڻ جماعت پاران 35 اجتماعي جوڙن جون اجتماعي شاديون ڪرايون ويون جنهن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

پي پي ايڇ آءِ سنڌ پاران ڪاري ڪامڻ پازيٽو اينڊز جو علاج مفت ڪرڻ جو اعلان

صحت مرڪزن ۾ ڪارو ڪامڻ پازيٽو اينڊز مريضن جو سمورو علاج به مفت ڪيو ويندو

هيپاٽائيٽس بي ۽ سي جي ٽيسٽ ۽ پي سي آر وارين ٽيسٽن مفت ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو

پي پي ايڇ آءِ جي نگراني صحت مرڪزن ۾ غريب مريضن لاءِ اها سهولت فراهم ڪئي وئي آهي: عملدار

خيرپور (ٻر) خيرپور ضلعي سميت سڄي سنڌ جي بنيادي صحت مرڪزن ۾ پي پي ايڇ آءِ سنڌ پاران هيپاٽائيٽس بي ۽ سي جون ٽيسٽون ۽ پي سي آر ٽيسٽ مفت ڪرڻ جو اعلان ڪارو ڪامڻ پازيٽو اينڊز مريضن جو سمورو علاج به مفت ڪيو ويندو پي پي ايڇ آءِ پاران غريب مريضن لاءِ سهولتون فراهم ڪري ڪم شروع ڪيو ويو آهي سول سوسائٽي ۽ سڄاڻ ڌرين پاران اهڙي عمل جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

دادو جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ واقع نجم ڪالوني ۾ نينگر سان زيادتي جي ڪوشش

نجم ڪالوني ۾ هوٽل تي ڪم ڪندڙ 15 ورهين جي نينگر سان زيادتي جي ڪوشش ڪئي وئي

بااثر جوابدارن خلاف اين سي داخل ڪرائي آهي رات کان ٿاڻي جا چڪر ڪاٽي رهيا آهيون: صنم لاشاري

دادو (ن سنڌيار) دادو جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ واقع نجم ڪالوني ۾ هوٽل تي پورهيو ڪندڙ 15 ورهين جي نينگر سان مبينا زيادتي جي ڪوشش، متاثر نينگر دل نواز لاشاري سندس امڙ صنم لاشاري اي سيڪشن ٿاڻي تي پهچي اين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز لڳ پراڻي پڊعيدن جو رهواسي اعجاز علي هوت پاران احتجاج

مون کي پي رياض علي ۽ چاچي زنواز علي لاڏوا ڪري گهر مان ڪڍي ڇڏيو: نوجوان

مون کي ۽ سڪينه کي رياض علي ۽ زنواز علي هوت بلوچ مان جان جو خطرو آهي تحفظ ڏنو وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ اسد علي عمراڻي) نوشهرو فيروز لڳ پراڻي پڊعيدن جو رهواسي اعجاز علي هوت بلوچ نيشنل پريس ڪلب پهچي ميڊيا کي ٻڌايو ته سال اڳ مونکي پنهنجي پي رياض علي ۽ چاچي زنواز علي لاڏوا ڪري گهر مان ڪڍي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سي آءِ اي پوليس نوشهروفيروز جي انچارج پاران مڻان پمپ وٽ ڪامياب ڪاروائي

انسپيڪٽر الهوسايو وڳڻ نيڪ محمد چانڊيو غلام عباس چانڊيو عبدالقدير ۽ ٻين ڇاپو هنيو

نصير احمد وقاص ۽ شيراز آرائين گرفتار هٿ ڪيل گهٽڪي جي ماليت سوا ڪروڙ ٻڌائي پئي وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) سي آءِ اي پوليس نوشهروفيروز جي انچارج زاهد ڪمبوهه انسپيڪٽر الهوسايو وڳڻ نيڪ محمد چانڊيو غلام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سلطانپور لڳ چورن جو آزار پاڳيا راتيون جاڳي گذارڻ تي مجبور، هڪ چور سوگهو

ڪانديرو شنباڻي ۾ چوري جي ڪوشش ڳوٺاڻن هٿان هڪ چور زخمي حالت ۾ سوگهو

معاملي جي جاچ ڪئي پئي وڃي ڪنهن به صورت ۾ ڪين معاف نه ڪيو ويندو: ايس ايڇ او

سلطانپور (رپورٽ قربان علي مهر) سلطانپور لڳ چورن جو آزار پاڳيا راتيون جاڳي گذارڻ تي مجبور گذريل رات ڳوٺ ڪانديرو شنباڻي ۾ چوري جي ڪوشش ڳوٺاڻن هٿان هڪ چور زخمي حالت ۾ سوگهو به فرار خبر موجب گذريل رات ديرسان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سنڌ تي سالن کان مسلط حڪمران جماعت عوام کي منهن ڏيڻ کان ٻچن ٿا: زبير حفيظ شيخ

ماٺهو شهر جي دشمنن کي ڇگي ريت سڃاڻن ٿا. اربين روپين جي بجيٽ ڪرپشن جي نذر ٿي وئي آهي

سنڌ اليڪشن ڪميشن جي سهڪار سان سکر جي اليڪشن کي يرغمال بڻائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) جماعت اسلامي سکر جي امير ۽ پي ايس 24 جا اميدوار زبير حفيظ شيخ چيو آهي ته سنڌ تي سالن کان مسلط /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سکر: زبير حفيظ شيخ سنڌيار جي سٽ سان ڳالهائيندي

سنڌ جي لکين ايڪڙ ڪمپني کي ڏيڻ خلاف سکر ۾ ڪمونسٽ پارٽي پاران احتجاجي مظاهرو

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سنڌ جي لکين ايڪڙ زرعي زمين ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي غير ملڪي ڪمپنن کي لزتي ڏيڻ سنڌ جي زرعي ملڪيت وڪرو ڪرڻ آهي هي زرعي زمين سنڌ جي مقامي بي زمين هارين کي ڏني وڃي. اهي ڳالهيون سنڌ هاري ڪاميٽي جي صدر پروفيسر مرمنور ٽالپر، ڪمونسٽ پارٽي صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪوٽ مٺا پوليس جي زيادتين خلاف احتجاجي ريلي، مظاهرو

ڳوٺاڻن پاران راڻو خان پرٽ، آنڌل خان شر، شاهنواز علي، امداد علي جي اڳواڻي ۾ ريلي

ايس ايڇ او ڪچي ڪان شهر ڏانهن ايندڙ ويندڙ ڳوٺاڻن لاءِ رڻ ٻاري ڏنو آهي: مظاهرين جو خطاب

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڪوٽ مٺا پوليس گهر جي پاڇي پٽاٿا ۽ ڪنڊ پٽي به ڪسي ٿي وڃي، ايس ايڇ او ڪو به بهانو ڪري اسان ڪچي وارن غريبن جا کيسا خالي ڪريو ڇڏي، سوين ڳوٺاڻن جو پوليس جي زيادتين خلاف احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر پاران زرعي ڀاڻ جي کوٽ جو نوٽيس

جسٽس (ر) مقبول باقر ڪمشنرن ۽ ڊپٽي ڪمشنرن کي زرعي ڀاڻ جي کوٽ بابت خط لکيو

ضلعي فوڪل پرسن ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر 2 دادو سميع الله وڳڻ کي نگران مقرر ڪيو ويو

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر سنڌ جي ڪمشنرن ۽ ڊپٽي ڪمشنرن کي زرعي ڀاڻ جي کوٽ بابت خط لکيو آهي، ان هدايت تي عمل ڪندي ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض حسين راهوجو ضلع /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٺٽي اندر ڌوهي وارداتن ۾ گهٽتائي اچڻ بجاءِ ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿيڻ لڳو، احتجاج

نامعلوم هٿياربند ڦورو هٿيارن جي زور تي طارق راڻوڙ کان موٽر سائيڪل ڦري ڪري فرار ٿي ويا

هٿياربند ڦورن هٿيارن جي زور تي ڪانجي ميگهواڙ کان نئين سپر پاور موٽرسائيڪل ڦري ڪري ويا

ٺٽو (رپورٽ جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ضلعي اندر ڌوهي وارداتن ۾ گهٽتائي اچڻ بجاءِ انهن ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿيڻ لڳو، جنهن ڪري رهواسي سخت پريشان بڻيل، ان سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب مڪلي لڳ مڪلي/غلام الله روڊ تي بسترڪٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڊگري ڪاليج مڪلي ۾ رٽائرڊ ملازمن جي حقن لاءِ هڪ ڏينهن احتجاجي سيمينار

ڌهه سيڪڙو بقايا ۽ ٽيڪس ڪوٽا حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ڏينهن وارو احتجاجي سيمينار ڪوٺايو

حڪومت ملازمن کي گروپ انشورنس، پينشن فنڊ، ٽيڪس ڪوٽا ۽ 10 سيڪڙو بقايا ادا ڪري: اڳواڻ

ٺٽو (رپورٽ جاويد لطيف ميمڻ) ڊگري ڪاليج مڪلي ۾ رٽائرڊ ملازمن جي حقن لاءِ هڪ ڏينهن احتجاجي سيمينار منعقد ڪيو ويو شرڪت ڪندڙن چيو ته ملازمن جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رهندي گورنمينٽ رٽائرڊ ايمپلائيز ويلفيئر ايسوسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٺٽو: ڊگري ڪاليج مڪلي ۾ رٽائرڊ ملازمن جي حقن لاءِ هڪ ڏينهن احتجاجي سيمينار ۾ اڳواڻ ويٺل آهن

عوامي تحريڪ وارهه طرفان پارٽي جي مرڪزي سڏ تي احتجاجي مظاهرو

ڪارڪنن پاران غير قانوني قبضن خلاف علامتي بک هڙتال ڪري نعري بازي ڪئي وئي

زرعي انقلاب سميت مختلف نالن سان زمينن تي ٿيل قبضن خلاف عوامي تحريڪ وارهه طرفان بک هڙتال

سنڌ جي وسيلن کي تيل وال ڪرڻ نئين ڳالهه ناهي اهڙا سلسلا ڪيترن سالن کان جاري آهن: سرتاج چانڊيو

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) عوامي تحريڪ وارهه طرفان پارٽي جي مرڪزي سڏ تي، سنڌ جي زمينن تي ٿيندڙ غير قانوني قبضن خلاف علامتي بک هڙتال ڪري نعري بازي ڪئي وئي، سنڌ جي زمينن کي عسڪري ادارن وٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

وارهه: عوامي تحريڪ وارهه طرفان پارٽي جي مرڪزي سڏ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

لاڙڪاڻي ۾ سني تحريڪ طرفان
جنرل ورڪرز و محبت فلسطين
جي سلسلي ۾ اجلاس

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان سني تحريڪ ضلعي طرفان شهر جي عبداللطيف نظاماڻي هال ۾ جنرل ورڪرز و محبت فلسطين جي سلسلي ۾ اجلاس ڪوٺايو ويو، جنهن ۾ پي ايس ٽي جي سرپرست اعليٰ پير سيد اعجاز علي شاهه بخاري، سنڌ جي صوبائي صدر نور احمد قاسمي، سينئر صوبائي اڳواڻ مولانا علي نواز قاسمي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سنڌ ۾ يوريا ڀاڻ جا پاند پري هارين کي بليڪ ميل ڪيو پيو وڃي: انيل پٽي

هاري حلال جي روزي ڪمائي پنهنجي ٻچڙن جو وڏي مشڪل سان پيٽ پري رهيو آهي

ڪرپٽ مافيا جي رستا روڪ نه ڪئي وئي ته پوءِ هي سنڌ کي ڪائي تباهه ڪري ڇڏيندا: ڳالهيون

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سول سوسائٽي جي رهنما انيل پٽي چيو آهي ته يوريا ڀاڻ جا پاند پري هارين کي بليڪ ميل ڪيو پيو وڃي هاري جيڪو جيڪو هن ملڪ جي ريڙهه جي هڏي آهي جيڪو پنهنجي حلال جي روزي ڪمائي پنهنجي ٻچڙن جو وڏي مشڪل سان پيٽ پري رهيو آهي ان غريب هاري کي هي حڪمران بليڪ ميل ڪري رهيا آهن گذريل 15 سالن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهروفيروز ۾ شهادت حضرت بيبي فاطمه الزهره ع جي مناسبت سان ماتمي جلوس برآمد

مڪاتب پاڪستان ۾ ڳوٺ مٺاخان مري جي مسجد نور مصطفي ص کان ماتمي جلوس برآمد ڪيو ويو

ماتمي جلوس جي اڳواڻي مولانا محب علي منوري- مولانا ثمرحسين جعفري- وزير حسين مري ۽ ٻين شرڪت ڪئي

اسان کي رسول پاڪ جي وات تي هلندي ان جي آل سان محبت رکڻ گهرجي: ثمرحسين جعفري وزير حسين مري سجاد حسين

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) 3 جمادي الثاني شهادت حضرت بيبي فاطمه الزهره سلام الله عليها جي مناسبت سان مڪاتب پاڪستان طرفان ڳوٺ مٺاخان مري جي مسجد نور مصطفي ص کان ماتمي جلوس برآمد ڪيو ويو جيڪو مختلف رستن کان ٿيندو مرڪزي امام بارگاهه امام زين العابدين تي اختتام پذير ٿيو ماتمي جلوس ۾ معصوم ٻارڙن سميت مومنين وڏي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهروفيروز ۾ شهادت حضرت بيبي فاطمه الزهره ع جي مناسبت سان ماتمي جلوس برآمد ڪيو ويو

لاڙڪاڻي ميونسپل ڪارپوريشن
جي ميئر پاران مڪ چرچ جو
دورو، انتظامن جو جائزو

لاڙڪاڻو (رپورٽر) ميونسپل ڪارپوريشن لاڙڪاڻي جي ميئر شهر جي مڪ چرچ جو دورو ڪري 25 ڊسمبر تي ٿيندڙ ڪرسمس جي تيارين جو جائزو ورتو ان موقعي تي ميئر لاڙڪاڻو ايڊووڪيٽ انور علي لهر ميونسپل ڪارپوريشن جي عملي کي هدايتون جاري ڪيون ته 25 ڊسمبر ڪرسمس جي موقعي تي شهر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سڪرنڊ لڳ ڳوٺ مير خان لغاري جي 15 ورهين جو نوجوان ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت

نوجوان وڪيل احمد ولد احسان علي خاصخيلي ٽرڪ تان لهندي ڪرنٽ لڳڻ سبب دم ڏنو

ڪرنٽ لڳڻ سبب ٿڏي تي ئي فوت ٿي ويو نوجوان جي وفات جو ٻڌڻ بعد لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام

سڪرنڊ (رپورٽ راج ڪماراوڊ) سڪرنڊ لڳ ڳوٺ مير خان لغاري جي 15 ورهين جو نوجوان وڪيل احمد ولد احسان علي خاصخيلي پنهنجي ئي ٽرڪ تي حيدرآباد کان سڪرنڊ اچي رهيو ته گس تي هوٽل تي بريڪ ڏيڻ بعد جيئن ئي هيٺ لٿو ته هوٽل مٿان گذرندڙ لائيٽ جي تار ٽرڪ سان ٽڪرائجي وئي جنهن سبب نوجوان بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب ٿڏي تي ئي فوت ٿي ويو نوجوان جي وفات جو ٻڌڻ بعد لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ روڄ راڙو پئجي ويو

ايس ايس پي ٺٽو پاران منشيات فروشن جي گرفتاري جي حوالي سان سخت هدايتون جاري

انچارج سيد فيض علي شاهه گهارو گولائي موري تي گاڏين جي چيڪنگ ڪندي گرفتاريون ڪيون

2 سئو 40 ڪلو گٽڪو هٿ، تيار گٽڪا جا 1000 پيڪيٽ هٿ ڪري گاڏي کي تحويل ۾ ورتو ويو

ڪيس گهارو ٿاڻي تي قتل پوليس پارٽي مٿان قتل جي ارادي سميت گٽڪا ايڪٽ تحت داخل ڪيا ويا

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) ايس ايس پي ٺٽو علي بخش عرف آفتاب نظاماڻي پاران منشيات فروشن جي گرفتاري جي سخت هدايتن ڪانپوءِ سي آءِ اي ٺٽو پوليس جي انچارج سيد فيض علي شاهه گهارو گولائي موري تي گاڏين جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

هر سطح تي بهتري آڻڻ جو عزم
ڪيو آهي، اصلاحات آڻي رهيا
آهيون: ناوز علي بروهي

ملير (رپورٽر) چيئرمين ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگوپير حاجي ناوز علي بروهي چيو آهي ته هر سطح تي بهتري آڻڻ جو عزم ڪيو آهي ته هي ڪيئن ممڪن آهي ته اسان صفائي ستٿرائي تي توجهه نه ڏيون، سينيٽي جي محڪمي ۾ اصلاحات آڻي رهيا آهيون ڇو ته ان کان پهريان هن تي توجهه نه ڏني وئي هئي جيڪو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

دريا خان مري پرسان منگيا موري اسٽاپ وٽ خالي جڳهه مان نامعلوم درويش جو لاش هٿ

اطلاع تي دريا خان مري پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتي نوجوان جو لاش تحويل ۾ ورتو

ٻن مهينن کان نوجوان درويش منگيا موري واري علائقي ۾ گهمندو هيو جيڪو فوت ٿي ويو

دريا خان مري (رپورٽر) دريا خان مري پرسان منگيا موري اسٽاپ وٽ خالي جڳهه مان نامعلوم درويش جو لاش هٿ ڪيو ويو اطلاع تي دريا خان مري پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتي نوجوان جو لاش تحويل ۾ وٺي ضروري ڪاروائي بعد ايڌي حوالي ڪيو ويو علائقي واسين موجب 2 مهينن کان نوجوان درويش منگيا موري واري علائقي ۾ گهمندو هيو جيڪو فوت ٿي ويو آهي دريا خان مري پوليس ٻڌايو ته فوتي نوجوان جي وارثن جي ڳولا ڪئي مگر وارث نه ملڻ ڪري فوتي جو مڙهه ايڌي حوالي ڪيو ويو

مٽياري ۾ سنڌ ميمڻ اتحاد جو اهم اجلاس، ضلعي توڙي تعلقي جي باڊي جي چونڊ

عارف علي ميمڻ ضلعي صدر ۽ ڊاڪٽر عبدالرشيد ميمڻ جنرل سيڪريٽري منتخب ٿي ويا

سينيئر نائب صدر امتياز ميمڻ نائب صدر ايڊووڪيٽ محمد اسلم ميمڻ، علي بخش ميمڻ چونڊيا ويا

باني حاجي عبدالرزاق ميمڻ هو جنهن پنهنجي زندگيءَ جو قيمتي وقت هن اتحاد لاءِ وقف ڪيو آهي: اڳواڻ

مٽياري (رپورٽر) مٽياري ۾ سنڌ ميمڻ اتحاد جو اهم اجلاس مرڪزي چيئرمين حاجي عبدالشڪور ميمڻ جي صدارت هيٺ ٿي گذريو اجلاس ۾ مٽياري ضلعي توڙي تعلقي جي باڊي جي چونڊ ڪئي وئي، ايڊووڪيٽ عارف علي ميمڻ ضلعي صدر ۽ ڊاڪٽر عبدالرشيد ميمڻ جنرل سيڪريٽري منتخب ٿي ويا. تفصيل موجب سنڌ ميمڻ اتحاد ضلع مٽياري جو اهم اجلاس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

مٽياري ۾ سنڌ ميمڻ اتحاد جو اهم اجلاس، ضلعي توڙي تعلقي جي باڊي جي چونڊ ڪانپوءِ ورتل گروپ فوٽو

سنڌ صوبي جي مرڪزي جماعت
جو صوبائي انتخابي اجلاس،
اڳواڻن پاران شرڪت

مٽياري (رپورٽر) سنڌ صوبي جي مرڪزي جماعت جو صوبائي انتخابي اجلاس مٽياري دارالعلوم جامعه غوثيه طاهريه ۾ منعقد ٿيو اجلاس سرپرست اهلسنت جماعت دارالعلوم جامعه غوثيه طاهريه جي سرپرست اعليٰ حافظ بشارت احمد طاهري جي صدارت هيٺ ٿيو مرڪزي جماعت سنڌ جو صوبائي اليڪشن اجلاس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن خيرپور جي 2024 جي اليڪشن لاءِ وڪيلن سنڌرا ٻڌي ڇڏيا

صدر لاءِ اعجاز علي چانڊيو نائب صدر خورشيد سهتو، جنرل سيڪريٽري لاءِ الطاف حسين شريڪ

محمد ياسين پنهور، ارباب جهانگير انصاري جو باضابطه طور فارم ڀري پينل جوڙي ورڪ شروع ڪري ڇڏي

اسان جا وڪيل تمام بهترين سوچ جا مالڪ پنهنجي پيشي سان سچا سڻي ڪردار جا مالڪ آهن: اعجاز علي چانڊيو

خيرپور (رپورٽر) ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن خيرپور جي سال 2024 جي اليڪشن لاءِ وڪيلن سنڌرا ٻڌي ڇڏيا ملاڪڙو 13 جنوري تي ٿيندڙ ورڪ تيز تفصيل موجب ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن خيرپور جي سال 2024 جي اليڪشن لاءِ ميدان تيار ٿي ويو نيشنل لايرس پينل جو اعلان ڪري ڇڏيو جنهن ۾ صدر لاءِ اعجاز علي چانڊيو نائب صدر ميڊم خورشيد سهتو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 18 ڊسمبر 2023ع

عام چونڊون: سمورن خدشن، غير يقيني ۽ ابهام جو خاتمو

سپريم ڪورٽ طرفان لاهور هاءِ ڪورٽ جو آر اوز ۽ ڊي آر اوز بابت فيصلو معطل ڪرڻ ۽ اليڪشن ڪميشن کي چونڊ شيڊيول جاري ڪرڻ جي ڏنل حڪم ڪانپوءِ اليڪشن ڪميشن چونڊن جو شيڊيول جاري ڪري ڇڏيو آهي. جاري ڪيل شيڊيول موجب، عام چونڊون 8 فيبروري 2024ع تي ٿينديون. نامزدگي ڪاغذ 19 ڊسمبر کان حاصل ڪري سگهبا، جيڪي 20 کان 22 ڊسمبر تائين جمع ڪرائي سگهبا. اميدوارن جي چونڊ فهرست 23 ڊسمبر تي جاري ڪئي ويندي، جاچ پڙتال جو عمل جو 24 کان 30 ڊسمبر تائين جاري رهندو. اميدوارن جي حتمي فهرست 11 جنوري تي جاري ڪئي ويندي، اميدوارن کي چونڊ نشان 13 جنوري تي جاري ڪيا ويندا. نامزدگي ڪاغذ واپس وٺڻ جي آخري تاريخ 12 جنوري 2024ع رکي وئي آهي. نامزدگي منظور يا رد ٿيڻ تي اپيل داخل ڪرڻ جي آخري تاريخ 3 جنوري 2024 هوندي، 10 جنوري 2024ع اپيلن تي اپليٽ اٿارٽي جي فيصلن جو آخري ڏينهن هوندو. جڏهن ته عدالت تحريڪ انصاف سان تعلق رکندڙ درخواستگذار عمير نيازي کي توهين عدالت جو نوٽيس جاري ڪندي، وضاحت طلب ڪئي آهي ته ڇو نه ان خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي شروع ڪئي وڃي. چيف جسٽس قرار ڏنو ته درخواست جمهوريت کي ڊي ريل ڪرڻ ۽ سپريم ڪورٽ جي حڪم جي ڀڃڪڙي جي ڪوشش آهي. لاهور هاءِ ڪورٽ جي جج مس ڪنڊڪٽ ڪيو. جج رڳو پنجاب نه پر پوري ملڪ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. لاهور هاءِ ڪورٽ جي جج حدون اورانگهيون. جنهن سان پوري ملڪ ۾ چونڊ عمل رڪجي ويو. ڪنهن کي جمهوريت ڊي ريل ڪرڻ جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي. هاءِ ڪورٽ جو فيصلو سپريم ڪورٽ جي فيصلي سان ٽڪراءَ ۾ آهي.

هڪ ڀيرو وري جمهوري عمل کي پٽڙيءَ تان لاهڻ واري سازش ناڪام ڪئي وئي آهي ۽ عدالت عظميٰ جي حڪم تي اليڪشن ڪميشن طرفان چونڊ شيڊيول جاري ٿيڻ ڪانپوءِ سمورن افواهن ۽ غير يقيني جا پساهه پورا ٿي ويا آهن. ڪجهه ڌريون هن ملڪ ۾ جمهوري سرشتي جون مخالف رهنديون آيون آهن ۽ اهي نٿيون چاهين ته هن ملڪ ۾ جمهوريت جو تسلسل برقرار رهي. جڏهن اليڪشن ڪميشن طرفان آر اوز ۽ ڊي آر اوز جي تربيت شروع ڪرائي وئي ته پاڻ کي جمهوريت جو چيمپئين سڏرائيندڙ پي ٽي آءِ جو اڳواڻ بيريسٽر عمير نيازي اهو سڄو عمل بند ڪرائڻ لاءِ لاهور هاءِ ڪورٽ پهچي ويو ۽ عدالت به اها درخواست ڪٽندي ۽ فيصلو ڏيندي دير ئي نه ڪئي. توڙي جو درخواستگذار هڪ بئريسٽر ۽ قانون جي ڄاڻ رکندڙ آهي ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ جو درخواست جي ٻڌڻي لاءِ جوڙيل سنگل بينچ جو سربراهه جج صاحب به آئين ۽ قانون جي هر گهٽ گهيڙ ۽ گهٽيءَ کان واقف آهي ۽ ڪين اها به ڄاڻ ضرور هوندي ته ملڪ جي سڀ کان وڏي عدالت اڳ ۾ ئي اهو فيصلو ڏئي چڪي آهي ته چونڊون هر صورت ۾ 8 فيبروري 2024ع تي ڪرايون وڃن ۽ انهن ۾ رڪاوٽ کي برداشت نه ڪيو ويندو. اهڙي واضح حڪم باوجود لاهور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو انتهائي حيرت جوڳو ۽ سپريم ڪورٽ جي فيصلي سان ٽڪراءَ ۾ آهي. سوال اهو آهي ته لاهور هاءِ ڪورٽ جو جج صاحب آخر اهو فيصلو ڪيئن ٿو ڏئي سگهي، جيڪو ان جي حدن ۽ اختيارن کان ئي ٻاهر آهي؟ اهو معاملو پنجاب جو نه پر سڄي ملڪ جو آهي. جيڪو خود لاهور هاءِ ڪورٽ جي جج جي ڪنڊڪٽ بابت پڻ سوال اٿاري ٿو. جنهن فيصلي کي سپريم ڪورٽ به ٽڪرڙ ۽ ابهام ۾ ڪيل فيصلو قرار ڏنو آهي.

هاڻي جڏهن چونڊ شيڊيول جاري ٿي ويو آهي ۽ سمورا افواهه پساهه پورا ڪري چڪا آهن. غير يقينيءَ ۽ ابهام جا ڪارا ڪڪر ختم ٿي چڪا آهن ته اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان کي به جاري ڪيل شيڊيول مطابق شفاف چونڊن جي عمل کي يقيني بنائڻ لاءِ قدم کڻڻ گهرجن. امن امان جي حوالي سان حالتن تي ڳڻتي ضرور رهندي آئي آهي، جنهن تي نگران حڪومت کي ڌيان ڏيڻ ۽ بهتري لاءِ اپاءَ وٺڻ جي ضرورت آهي. سمورين سياسي ڌرين کي به اليڪشن ڪميشن سان تعاون واري ذميواري پوري ڪرڻ گهرجي. اهو ياد رکڻ گهرجي ته شفاف چونڊون سمورين ڌرين جي گڏيل ذميواري آهي.

صوفِي لاڪوفِي، ڪونَ ڀانئيس ڪيرُ:
منجهيان ٿِي مَنجهِ وڙهي، پڌر ناهِس پيرُ:
جنين ساڻس ويرُ، تئي تنين جو واهَرُو.

هَئِي سَڪِي! اڄ مُنهنجو ساجن آيو آهي !!

امر رائيسنگھ راجپوت

شاعري، جيڪا رُوح کي راحت ڏئي ٿي. شاعري، جنهن ۾ نئين نويلي ڪُنوار جي ٺهڪن جهڙي نغمگي هُوندي آهي. شاعري، جيڪا ٻار جي ننڍاڪي مُرڪ جهڙي معصوم به هُوندي آهي ته ڪنوار جي من ۾ مچڪندڙ پرولي جهڙي شرارتي به هُوندي آهي. شاعري، جنهن جي هندوري ۾ هي جڳ لَڏي ٿو. شاعري، جيڪا محبوبا جي رتن رُخسارن تي چڳ ٻڌجي اُڏي ٿي. شاعري، جنهن ۾ "گُل ڪُوڪي ٿو ۽ ڪويل خوشبوءِ ڏئي ٿي". شاعري، جنهن ۾ سج جهڙي تپش به آهي ته چندرما جي چانڊني جهڙي ٺڏاڻ به آهي. اڄو ته اُن شاعريءَ جي قُلوازي مان قُلن جو واس وٺڻ لاءِ اُن ديس جي شاعري ڏي هلون. جنهن ديس کي شيخ اياز سو ديس مُسافر منهنجو ڙي سان مخاطب ٿيندي ڳايو آهي. جنهن ديس کي واريءَ جو درياءَ چئجي تڏهن به ڪو وڌاءَ نه ٿيندو. جيڪو ديس پنهنجي ويس ۾ مڙنيءَ کان مُختلف آهي جتي ڏڪارن جا ڏک به آهن ته سُڪارن جي سُونهن به آهي. جتي مور اُڏارن جا منظر به آهن ته روهيڙي جي رتن گُلن جهڙي مارواڙي شاعريءَ جا دل ليائيندڙ دُوها به آهن. اڄو ته اُنهن دُوهن مان درس پرايون ته محبوب جي آمد جو انتظار ڇا هُوندو آهي. ۽ جڏهن محبوب جي آمد ٿئي ته اُن جي آجيان ڪيئن ڪجي؟ هيرن موتين جا ٿال ڀري گهٽيءَ ۾ ڏيئا ٻاري محبوب جي آجيان ڪرڻ لاءِ اُتاولي بيٺل ڪنهن ٽري وِينگس جي اندر جي اُپٽار مارواڙي شاعريءَ ۾ واقعي ڪمال فن سان بيان ڪئي وئي آهي.

ٿَن ترُور مَن ماچلي، ٻڙي وِرهه کي جال.
تَلف تَلف جيوجات هي، وهيلا مِلو جَمال
(مُنهنجو جسم وڻ وانگي سُڪي ويو آهي. اندر مڇيءَ وانگي ورهه جي جال ۾ ڦاسي پيو آهي. هاڻي تڙپي تڙپي ساهه وڃي ٿو جلدي ملي وڃ مُنهنجا مَن!)
يا ٿَن کي ٻَتي ڳرون، مَن کر ڳرون ڳلال

اسٽيبلشمينٽ جي 'رٿ' تي چڙهي آيل ميان صاحب ۽ اقتدار جي اپسرا

تنزيلا فهد اعوان

ڪرڪيٽ جي پنهنجي هڪ ڊار ٻولي آهي، ڊار اصطلاح آهن ۽ انهن جو منفرد مفهوم آهي. مثال طور: بالر بال اڇلائي ٿو ۽ بيٽسمين اُن کي هِٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر ان جو بيٽ بال تي نٿو لڳي ۽ بال وڪيٽ ڪيپر وٽ هليو ٿو وڃي. اهڙي حالت ۾ چيو ويندو آهي ته بيٽسمين "بِيٽ" ٿي ويو.

بقايا — سنڌيار — 01

نيلام ڪيو ويو آهي. سنڌ جي وسيلن جي ڦرلٽ تي خاموش نه ويهبو/ اڳواڻ/ عوامي تحريڪ جي مرڪزي سڏ تي، سنڌ جي زمينن تي ٿيندڙ واڙ، ڪارپوريٽ فارمنگ، زرعي انقلاب سميت مختلف نالن سان سنڌ جي زمينن تي ٿيل قبضن خلاف عوامي تحريڪ وارهه طرفان بک هڙتال ڪئي وئي ان موقعي تي ڳالهائيندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ڪامريڊ سرتاج چانڊيو سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ڪامريڊ غلام مصطفيٰ چانڊيو، سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻ مرڪ منان، عرفان منان، غفار ميرجت، راهول چوليائي، اياز جمال، ڪامريڊ برڪت سوڍر، محبوب راهوجو، آصف مارفاڻي، حميد باغي، آفتاب همت، حامد چانڊيو، هوشو ڪنهر، قادر سوڍر ۽ ٻين چيو ته هڪ سازش تحت سنڌ جون زرخيز زمينون فوج ۽ ٻين عسڪري ادارن وٽ نيلام ڪيون پيو وڃن، اهڙي عمل خلاف سڀ کان اول عوامي تحريڪ آواز اٿاري سياسي جنگ جو اعلان ڪيو آهي اهڙي سلسلي ۾ هن وقت سڄي سنڌ ۾ جدوجهد هلندڙ آهي. سنڌ جي وسيلن کي نيل وال ڪرڻ نٿين ڳالهه ناهي اهڙا سلسلا ڪيترن سالن کان جاري آهن اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته پاڪستان ۾ ڪارپوريٽ فارمنگ ۽ قدرتي وسيلن جي ڪونائيءَ جي نالي ۾ جوڙيل منصوبا غيرآئيني، عوام دشمنن، ماحول دشمن ۽ پورهيت دشمن آهن اهي منصوبا ملڪ کي سامراجي ادارن جي ڪارپوريٽ ادارن جي حوالي ڪرڻ برابر آهن انهن منصوبن کي ملڪ جي سمورن صوبن جي عوام ۽ عوام دوست ڌرين سان گڏجي انهيءَ خلاف مزاحمت ڪرڻ هن وقت جي گهرج آهي.

بقايا — سنڌيار — 02

ڊويزن لاڙڪاڻي جي صدر محمد عمر، جنرل سيڪريٽري شمس الدين سروهي، ضلعي صدر حافظ مدد علي قادري، جنرل سيڪريٽري حافظ رياض حسين قادري، حافظ برڪت علي ڪرتيو حسيني، عبدالغفار، حافظ نديم، قمر الدين شيخ، حافظ طارق حسين انصاري، فيض محمد قاسمي، حافظ امام الدين ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي اجلاس کي خطاب ڪندي مقررن اڳواڻن چيو ته اڄوڪي اجلاس ۾ لاڙڪاڻي سميت سڄي سنڌ جا اڳواڻ ترڙي ڪارڪن پنهنجي مرڪزي قيادت سان ايڪي، ٻڌي ۽ محبت جو اظهار ڪن ٿا، جڏهن ته اسان کي پنهنجي قيادت تي مڪمل طور تي اعتبار آهي. چاڪاڻ جو پاڪستان سني تحريڪ ملڪ جي واحد جماعت آهي، جيڪا پاڪستان جي غريب، مسڪين ۽ بي ڀهج ماڻهن جي حقن لاءِ هر محاذ تي آواز اٿاريندي آهي. هنن چيو ته پاڪستان مٿان مسلسل حڪمران ڪندڙ جماعتن ملڪ جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو آهي. جنهن سبب اڄ ملڪ جو عوام بک، بدحالي، لاقانونيت ۽ بيروزگاري جي ور چڙهي ويو آهي. جنهن لاءِ ايندڙ اليڪشن ۾ عوام کي سوچي سمجهي ووٽ ڏيڻ جي ضرورت آهي. هنن وڌيڪ چيو ته اسرائيل هڪ ڏگهي عرصي کان وٺي معصوم فلسطينين مٿان ظلم جا پهاڙ ڪيرائي رهيو آهي. پر افسوس جو اقوام متحده، انساني حقن وارين عالمي تنظيم سميت مسلمان ملڪ ان مسئلي تي خاموش ويٺل آهن. جنهن عمل جي اسين سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي گهر ٿا ڪريون ته فلسطين ۾ جاري اسرائيلي ظلم کي فوري طور تي بند ڪري معصوم فلسطينين سان انصاف ڪيو وڃي. ٻي صورت ۾ پاڪستان سني تحريڪ خاموش نه ويهندي.

بقايا — سنڌيار — 03

سي داخل ڪرائي ڇڏي متاثر نينگر جو چوڻ هو ته بااثر جوابدار مير ميرائي هٿيارن جي زور تي زيادتي جي ڪوشش ڪئي مزاحمت تي نشي ۾ ڌت جوابدار پسٽل جا بٽ هڻي زخمي ڪري ڇڏيو آهي. بااثر جوابدارن خلاف اين سي داخل ڪرائي آهي رات کان ٿاڻي جا چڪر ڪاٽي رهيا آهيون ۾ پوليس جوابدار گرفتار نه پئي ڪري بااثر جوابدار گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 04

ڇڏيو مان دربدري واري زندگي گذاري رهيو هيس ته مونکي مسمات سڪينه جوڳي سهارو ڏنو جڏهن ته مان پنهنجي راضي خوشي سان سڪينه جي ڌي فرزانه سان شادي ڪيان ٿو ته منهنجو پي ۽ چاچو مونکي ۽ سڪينه کي موت مار ڌمڪيون ڏئي چون ٿا ته جيڪڏهن تون سڪينه جي ڌي سان شادي ڪئي ته تنهنجي ۽ سڪينه مٿان اغوا جو ڪيس داخل ڪرائينداسين اعجاز علي وڌيڪ ٻڌايو ته مان پنهنجي زندگي خوشي سان گذارڻ چاهيان ٿو مونکي ڪنهن نه اغوا ڪيو آهي شادي ڪرڻ تان منهنجو پيءُ ۽ چاچو منهنجي ۽ سڪينه جي جان جا ويري ٿي پيا آهن مان اپيل ٿو ڪيان هاءِ ڪورٽ سنڌ آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهرو فيروز کان مونکي ۽ سڪينه کي رياض علي ۽ زنوار علي هوت بلوچ مان جان جو خطرو آهي تحفظ ڏنو وڃي

بقايا — سنڌيار — 05

وٺڻ بعد هڪ خط هوم سيڪريٽري سنڌ، آءِ جي سنڌ پوليس کي لکي چيو آهي ته ٻنهي نوجوانن جو قتل ڪيس داخل ڪيو وڃي انساني حقن واري صوبائي ڪاتي خيرپور پوليس هٿان جعلي مقابلي ۾ مارجي ويل ٻن نوجوانن جي ناحق قتل تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو آهي.

بقايا — سنڌيار — 06

